پروفيسر نذير احمد سومرو

# ضيا شاھ جون ساروٽيون .......

دُنيا جي ھر ٻوليءَ جي ادب ۾ آتم ڪٿا جي وڏي اھميت رھي آھي . آتم ڪٿا ادب جي واحد صنف آھي، جيڪا ھر پڙھندڙ لاءِ وڏي ڪشش رکي ٿي . ڇاڪاڻ تہ ھي بہ داستان ۽ افساني جو ھڪ قسم آھي . پر داستان يا افسانو ھڪ خيال آھي ۽ ھيءَ ھڪ حقيقت. انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۾ آتم ڪھاڻيءَ جي وصف ھن طرح بيان ڪيل آھي :

"آتم ڪٿا غير افسانوي ادب جو ھڪ قسم آھي، جنھن جو موضوع فرد جي حياتي ھوندي آھي."

آتم ڪٿا ڇا آھي؟ ان لاءِ مشھور برطانوي ناول نگار بينجامن ڊسرائيلي 1804-1881 لکي ٿو :

"Read No history, nothing but biography for that is Life without theory"

(نہ تاريخ پڙھو، نہ ٻيو ڪجھ رڳو سوانح عمري پڙھو، ڇاڪاڻ تہ اھا ڪنھن ٿيوري (نظرئي) يا فارمولا ھيٺ نٿي لکي وڃي) .

ھڪ ٻيو انگريز اديب ايڊمنڊ چيريو 1875-1956 پنھنجي ڪتاب Biography of beginners ۾ سوانح حيات تي روشني وجھندي چوي ٿو :

"The art of biography is different from Geography is about maps but biography is about chaps"

(سوانح نگاري جاگرافيءَ کان الڳ ۽ مختلف شي ءِ آھي. ڇاڪاڻ تہ جاگرافي نقشن جي ڪھاڻي آھي ۽ سوانح نگاري، انسانن جو داستان آھي).

مشھور مفڪر ٿامس ڪارلائل چوي ٿو:

"No great men live in vain. The history of the world is but the biography of great men"

(ڪوبہ اُتم ماڻھو زندگي اجايو نٿو گھاري. دنيا جي تاريخ ڪجھ بہ ناھي سواءِ اُتم انسان جي ڪٿا جي).

چيو وڃي ٿو تہ آتم ڪھاڻي ايتري پراڻي آھي ؛ جيترو خود انسان. ڪن زبانن ۾ تہ ھزارين سال پراڻيون آتم ڪھاڻيون موجود آھن. سڀ کان انوکي ڳالھ تہ دنيا جي سڀني ٻولين/ زبانن ۾ انسانن جي آتم ڪٿا موجود آھي . اردو زبان جي ھڪ اديب شميم نويد رو زاني ايڪسپريس جي سومر واري ايڊيشن ۾ لکيو آھي تہ: ھو 1992ع ۾ دھلي (انڊيا) پنھنجي مائٽن سان ملڻ ويو. دھلي شھر جي ھڪ پاڙي بلي ماران (بلي مارينڊڙ) ۾ ڪراچي جي ريگل چوڪ ۽ حسن اسڪوائر وانگر پراڻن ڪتابن جا دوڪان آھن . ھُن پنھنجي ساھر اٽي آکھ مان ھڪ مائٽ سليمان صابر سان، پنھنجي زال کي بلي ماران ۾، پراڻن ڪتابن خريد ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو . موٽندي مائيءَ جي ھٿن ۾ ٻہ پراڻا، مگر ناياب ڪتاب ھئا، جيڪي ھن پنھنجي مڙس کي خوش ٿيندي ڏنا . مٿان چيائينس: ھي ٻئي نادر ۽ ناياب ڪتاب آھن ، توڙي جو ڪتان ڪتان اڌوھي کاڌل آھ يڻ پر ڏاڍي ڪم جا آھن. ڇاڪاڻ تہ ھي ٻئي ڪتاب، ھڪ جن ۽ ھڪ جنڙيءَ جون آتم ڪٿائون آھن، جيڪي ھنن پنھنجي مرشد حافظ رحمت علي کي ٻڌايون ھيون . حافظ رحمت علي سندن زبانيءَ ٻڌايل ڳالھين کي، اردو زبان ۾ قلمبند ڪيو. حافظ رحمت علي، ڪيترن ئي جنن جو مرشد ھيو ۽ سندس مزار دھليءَ جي مشھور اولياء، خواجہ بختيار ڪاڪي رحہ جي مزار جي اڱڻ ۾ آھي. جنڙيءَ جي آتم ڪٿا جو نالو دينار آھي.

ڪن آتم ڪھاڻين، دنيا ۾ وڏو ترٿلو مچايو. مثال طور: سينٽ آگسٽس جي اعترافن مذھبي دنيا ۾ وڏو ٻڙڌڪ مچايو. جين جيڪس روسو جي اعتراف وري ادبي دنيا ۾ وڏو غوغاءُ پيدا ڪيو.

سنڌ جي ھڪ اديب ۽ آثار قديمہ جي ماھر مرحوم تاج صحرائي بہ استاد بخاريءَ جي ڪتاب اوتون جوتون جي مھورت ٿيڻ کان ٿوري جھڙ پھريائين ڪيفي فردوس نيو چوڪ دادوءَ ۾ استاد بخاريءَ سميت وينل دوستن جي اڳيان اھو ٻڌايو تہ مان بہ پنھنجي جيون ڪھاڻي اعتراف (Confessions) جي نالي سان لکي رھيو آھيان. ان ۾ مان ڪابہ ڳالھ لڪائي نہ رکندم. پر الائي چو نہ لکيائين؟ حالانڪ مون ڪيئي دفعا کانئس پڇيو. ڪلي چوندو ھيو: آتم ڪٿا لکڻ ڪو

يوڳ ڪونهي، سوچيان ٿو تہ ڇا لکان ۽ ڇا نہ لکان؟ پنهنجي وفات ڪان هڪ هفتو اڳ، رات جو 9 بجي فون ڪري سيوهڻ ۾ قلندر جي ميلي ۾ رٿيل ادبي ڪانفرنس ۾ اچڻ ۽ مقالي پڙهڻ لاءِ زور ڀريائين. مون ڪانٿس سندس اعتراف لاءِ پڇيو. چيائين: نذير! اهڙا اعتراف، تو شايد سڄي زندگي ڪونہ پڙهيا هوندا، جيڪي مان ڪندم. افسوس جو قلمي اعتراف ڪرڻ کان اڳ، هڪ وڏي حقيقت يعني موت جو اعتراف ڪيون هليو ويو. ڏک اهو بہ اٿم تہ تيار هوندي بہ مان سيوهڻ جي ادبي ڪانفرنس ۾ نہ وڃي سگهيو هوم. ميلي مان موٽيل ٻن اديبن ۽ شاعرن: مقصود گل ۽ مختيار گهمرو ٻڌايو تہ: تون ميلي ۾ نہ آئين! سائين تاج محمد صحرائي، هر هر بي چين ٿي، تنهن جي لاءِ پڇندو رهيو. ڏاڍو منتظر رهيو تنهنجي لاءِ.

ڪئناڊا جي وزيراعظم جي زال مارگريٽ ٽروايڊا جي آتم ڪٿا عقل کان ڪجهہ مٿيرو بہ دنيا جي علم ادب جي شوقينن ۽ اديبن / شاعرن کي وائڙو ڪري ڇڏيو هو. ڇو تہ مارگريٽ پنهنجي جيون آکاڻي ۽ زندگيءَ جا ڪڙا سچ ۽ حقيقتون، جيئن جو تيئن لکيون آهن جو پڙهندڙن کان ڇرڪ نڪري ويا. چيائون: هان!! اهڙو سچ بہ پني تي لکي سگهجي ٿو!!

اردوءَ جي شاعرِ انقلاب، جوش مليح آبادي جي جيون ڪٿا يادون کي بارات، 30 سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ بہ اردو ادب جي ماڻهن ۾ ڪچهريءَ جو موضوع آهي.

اردوءَ جي مشهور اديب، خامہ بگوش (ڪَنَ تي قلم) جي پردي ۾ لڪل بي مثال نقاد، مشفق خواجہ جا لفظ ڪاڏي وڃن؟ تہ: آتم ڪٿا ۾ ڪوڙ ۽ زٽ هڻڻ جي گهٽي گنجائش موجود هوندي آهي.

انڊيا جي صوبي اَوڌ جي تاجدار واجد علي شاھ پنهنجي خود نوشت محل خانہ شاهي ۾، جيڪا بعد ۾ پري خانہ جي نالي سان اردوءَ ۾ لکنو مان شايع ٿي هئي، وڏا زٽ هنيا آهن. پنهنجي لاءِ لکي ٿو تہ: 8 سالن جي عمر ۾ پهريون عشق ڪيم.

ساڳي ڳالهہ اردوءَ جي متنازعہ شاعر رئيس امروهيءَ جي ڀاءُ ۽ اردو اديبہ زاهده حنا جي سابق مڙس، جون ايليا پڻ پنهنجي شاعريءَ جي مجموعي جي مهاڳ ۾ لکي آهي. يعني جون ايليا بہ 8 سالن جي عمر ۾ پهريون عشق ڪيو هو. عمر 8 سال ۽ عشق؟!! هي ماڻهو مجنونءَ کي مات ڏئي ويا!

البرٽ هبرڊ، آتم ڪهاڻين جي باري ۾ چوي ٿو:

"Biography broadens the vision and allows us to live a thousand lives in one"

(ڪٿا اسان جي شعور ۾ واڌارو آڻي ٿي ۽ اسان کي هڪ زندگيءَ ۾ هزارين زندگيون گذارڻ جي لائق بڻائي ٿي)

آتم ڪٿا قابلِ مطالعہ ٿئي ٿي. ان کي پڙهندي، بقول هڪ مفڪر البرٽ هبرڊ، اها اسان جي مسرت ۽ شعور ۾ اضافو آڻي ٿي. ڪٿي ڪي واقعا پڙهندي عبرت حاصل ٿئي ٿي.

ڪن ماڻهن تہ پنهنجي جيون ڪهاڻيءَ ۾ واهہ جا زٽ ۽ ڪُوڙ هنيا آهن. آتم ڪٿائون لکندڙ، الائي ڇو اکيون ٻوٽي بند ڪمرن ۾ لکڻ وقت اهو بہ نہ ٿا سوچين تہ پڙهندڙ، ٻئي اکيون کولي ۽ چٽيءَ روشنيءَ ۾ پڙهندا هوندا.

مثال طور مشهور پاڪستاني فلمي ڊائريڪٽر ڊبليو زيڊ احمد جي ڀاءُ، انڊيا جي مشهور ڪميونسٽ ليڊر ڊاڪٽر زيڊ اي احمد جي آتم ڪٿا، هونءَ تہ پڙهڻ جهڙي آهي پر اهو بہ هڪ ٻن جاين تي ڪِسڪي ويو آهي. ڊاڪٽر زيڊ اي احمد، مشهور اديب ۽ لاهور جي ترقي پسند رسالي ادبي دنيا جي ايڊيٽر، مولانا صبيح الدين احمد جو سڳو ڀائيٽو هو ۽ سنڌ جي نامياري سياستدان ۽ سنڌ جي گورنر سر غلام حسين هدايت الله جي گهر واري، سندس سڳي ڦپي هئي. ڊاڪٽر زيڊ اي احمد سنڌ جي تاريخي شهر عمرڪوٽ ۾ 1908ع ۾ ڄائو ۽ 1999ع ۾ لکنؤ ۾ فوت ٿيو. ڊاڪٽر زيڊ اي احمد، پنهنجي آتم ڪٿا ۾ اُهو بہ لکي ٿو: "منهنجي سڳي ڀيڻ صادقہ بيگم جي شادي الله آباد (انڊيا) جي هڪ مشهور ۽ معروف وڪيل مگر هڪ هندوءَ، شيڪر سرن سان ٿي. اِڳتي هلي هو هند ۽ سنڌ جي مشهور عالم شمس العلماءُ دائود پوٽي کي 1936ع ۾ سنڌ جي ممبيءَ کان ڌار ٿيڻ وقت رٽائر ڏيکاري ٿو. جڏهن تہ ڊاڪٽر دائود پوٽو، سنڌ

جي سابق گورنر عظيم دائود پوٽي جو والد بزرگوار ، پاڪستان ٺهڻ وقت بہ 55 سالن جو ڪونہ ٿيو هو . ان وقت سرڪاري ملازم جي رٽائر ٿيڻ جي عمر جي آخر حد 55 سال هئي. ڊاڪٽر دائود پوٽو پاڪستان جي قيام کان پوءِ بہ سنڌ ۾ ڊئريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن هئو. اهو عهدو موجوده سيڪريٽري تعليم جي عهدي برابر هو.

محترم ضيا شاھ، سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي دنيا ۾ ، ڪنهن بہ رسمي تعارف جي ضرورت نہ ٿا رکن. ضيا شاھ جي جيون آڪاٽي؛ ساروٽيون، جي نالي سان ماهوار سوجهرو ۾ قسطوار ڇپجي رهي آهي . ضيا شاھ پنهنجي آتم ڪٿا کي بابن ۾ ورهائڻ بجاءِ ، انگي حسابن وارن انگن ۾ ورهائي ٿو . هن وقت يعني مئي 2003ع تائين، ضيا شاه جيون کهاڻيءَ جو 20 قسطون ۽ انگ 284 تائين اچي بيٺو آهي. هر قسط ۾ ضيا شاھ جي مان مان پئي ٿي پوي. وٽس لفظن ۽ تشبيهن جي ڏاڍي کوٽ نظر اچي ٿي. مثال: ساروٽي نمبر: 41 ۾ لکي ٿو؛ وزيراعظم ذوالفقار علي ڀُٽي چوندن جو اعلان ڪيو. ملڪ ڪر ڀيجي اُٿي ڪڙو ٿيو . وري ساروٽي نمبر: 48 ۾ لکي ٿو ؛ 5 جولاءِ 1977ع جو ڏينهن ڪر موڙي اٿيو آهي. يعني ڪڏهن ملڪ ٿو ڪَرَ ڀيجي ۽ ڪڏهن ڏينهن ٿو ڪر موڙي ؟ معنیٰ ڀٽي صاحب جنوري 1977ع واري چوندن جي اعلان کان اڳ، ملڪ ننڊ پيو هو. يا ائين ليٽي پيو هو جو چوندن جي اعلان سان ڪر موڙي اُٿي پيو؟ هي ملڪ ۽ ڏينهن تہ نہ ٿيا، بلڪ ڪي انسان ٿيا، جيڪي بار بار ڪر موڙي، آرس ڀيجي اُٿي ڪڙا ٿين ٿا!!

ضيا شاھ خود پسند ۽ خود نمائي ڪندڙ ايترو آهي جو پنهنجي تعريف ۾ مبالغي ۽ وڌا ءَ کان ايترو ڪم ورتو اٿس جو لڳي ٿو ڄڻ پاڻ شڪارپور ۽ ان جي پسگردائيءَ جو هڪ اهم ۽ وڏي ڪم وارو ماڻهو يا اهم سياستدان آهي. انهن ڳالهين جو ذڪر اڳتي ايندو.

ضيا شاہ ساروٽي نمبر: 47 ۾ لکي ٿو: ماضي اجا پيچو نٿو ڇڏي. هڪ انسان جي ماضيءَ، ڪڏهن سندس پيچو ڇڏيو آهي؟ ماضي بہ پيچو ڇڏيندو آهي ڇا؟ معنیٰ هن وقت يعني جُون 2003 تائين يقينً ماضي ضيا شاھ جو پيچو ڇڏي چڪو هوندو؟!! ماضي خوشگوار هجي يا ڏکوئيندڙ ، ڪنهن بہ انسان جو قبر تائين پيچو ڪو نہ ڇڏيندو آهي. ائين لکڻ تہ ماضي اجا پيچو نٿو ڇڏي ڇا معنیٰ؟

نمبر:48 ۾ لکي ٿو ؛ 5 جولاءِ جو ڏينهن ڪر موڙي اُٿيو آهي. شينهن وانگر گجيو پئي . باقي ٻيا ڏينهن گدڙن وانگر اونايون ڪندا آهن. اونهاري جي اُس چورن وانگر ڀتيون ٽپي آئي آهي . اُس تہ هر جاءِ/ هر گهر/ بنگلي جي اڱڻ يا پڌر ۽ ورانڊي تائين پهچندي آهي. ڇا چور ڀتيون ٽپي رڳو اڱڻ ۽ ورانڊن ۾ اچي ويهندا آهن؟ هر روز جيان رڻ ٻري وجي ٿو. ڏامر جون سڙڪون ٽامڻي هٽي وجن ٿيون . پاڇا سرڪندا وجن ٿا. ٽيپهري ڏاري لکيدر چوڪ تي روايتي رونق موٽي اچي ٿي. مان ڪيفي اعجاز ۾ داخل ٿيو آهيان . دخل وارو ٿو چوي: ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪيوويو آهي . دستور معطل ٿي ويو آهي. جنرل ضياءُ الحق وارد ٿي چڪو آهي. منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وجي ٿي.

ضياءَ شاھ جي چوڻ موجب؛ 5 جولاءِ تي هر روز جيان رڻ ٻري وجي ٿو. 5 جولاءِ کان اڳ ۾ بہ ڪو رڻ متو هيو ڇا؟ جو 5 جولاءِ تي بہ روزمره جيان ساڳي طرح رڻ ٻريو؟ شاھ صاحب پنهنجي آتم ڪٿا ٿو لکي يا ڪنهن فلم ۽ ٽي ويءَ لاءِ ڊرامو؟ جو پنهنجي ڳالھ ڪنهن فلمي سين وانگي ڏيکاري ٿو . ڏامر جون سڙڪون ٽامڻي هٽن ٿيون ۽ وري ٽڏي تي پاڇا سرڪندا وجن ٿا ۽ هڪدم ٽيپهري بہ ٿي وجي ٿي . هيءَ ڪا فلم/ ڊرامي جي سين آهي يا ڪنهن آتم ڪٿا جو حصو؟ جڏهن ڳالھ ٽيپهريءَ واري وقت جي ڪرٽي آهي تہ پوءِ ٻن-پهرن جي ٽامڻي هڻڻ جي منظر نگاري ڪرڻ جي کهڙي ضرورت؟ ضيا شاھ آتم ڪٿا لکي ٿو يا ڪا فلم يا ڪو ڊرامو؟

4 ۽ 5 جولاءِ جي وچ واري اڌ رات جو ، جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ختم ٿي وئي ۽ پاڪستان سان مارشل لا لڳايو ويو . صبح ساجهر کان پاڪستاني ريڊيو ۽ ٽي وي دنيا جون ريڊيو اسٽيشنون هر هر اها خبر ٻڌائينديون رهيون تہ ڀٽي صاحب جي حڪومت ختم ۽ مارشل لا نافذ ڪيو ويو . هيءَ ڪا رواجي ۽ خسيس خبر ڪانہ هئي، جيڪا سنڌ جي هڪ سني تاريخي ۽ ثقافتي ۽ تعليم يافتہ ماڻهن جي شڪارپور تائين شام لڙندڙ ۽ سرڪندڙ پاڇن تائين پنڌ ڪندي رهي. ضيا شاھ جهڙي اديب، ڄاڻو، سياستدان (شاھ صاحب خود لکيو آهي تہ مون کي سياست ۾ ٻيهر آڻڻ وارو فلاڻو ابڙو هو ) ۽ شاعر يا ڪيفي اعجاز جي دخل تي ويٺل شخص کي هيءَ هيڏي وڏي ۽

ڇرڪائيندڙ خبر، جنھن سڄي ملڪ جي ماڻھن کي وائڙو ڪري ڇڏيو ھو، پيار جي واعدن جيان لڙندڙ ۽ سُرڪندڙ پاڇن يعني ٽيپھريءَ جي وقت پوي ٿي؟ ڀٽي صاحب جي حوالي سان سندس حڪومت ختم ٿيڻ جي خبر ، نيٺ ڀھراڙين جي اڻ پڙھيل عورتن کي بہ ، گھر ويٺي پئجي وئي ۽ خاص طور تي سنڌ ۾ ماڻھن کي روئڻھارڪو ڪري ڇڏيو ھئائين. اھا خبر جھنگ جي باھ وانگر سڄي ملڪ ۾ ٻڌي وئي پر حيرت آھي تہ شڪارپور شھر وارا شام تائين بي خبر رھيا!! جو ڪين شام جو اھا خبر پئي تہ ڀٽي صاحب جي حڪومت ختم ڪري مارشل لا نافذ ڪيو ويو آھي!!.

محترم ضيا شاھ، تاريخ ۾ تاريخي ڪردارن سان، ويساھ-گھاتي ڪرڻ ۾ ملڪو رکي ٿو. سندس مرضي آھي تہ ڀٽي صاحب کي زبردستيءَ آزاد ڏيڪاري، نئون ديرو پھچائي يا ڪراچيءَ، شاھ صاحب ڪان ڪير پڇندو؟

نمبر: 177 ۾ ضيا شاھ لکي ٿو ؛ مان سال 1977 ڌانھن موٽي اچان ٿو، ذوالفقار علي ڀٽي ، کي سھالا ريسٽ ھائوس ۾ نظربند ڪيو ويو . تڏھن ڪنھن بہ نہ پئي ڄاتو تہ جنرل ضيا حدون اورانگھي ويندو . ھن ڀٽي کي ٻاھر وڃڻ جو وجھ بہ ڏنو. ڪاش ڀٽو برطانيہ يا فرانس ھليو وڃي ھا. آيت الله خميني بہ تہ جلا وطن رھيو ھو ۽ اتي ويھي ايران جي انقلاب کي ڪائونٽر ڪندو رھيو . ڀٽوخود سياست کي آرٽ سمجھندو ھو . الائي چا ٿي ويس؟ ......... جنرل ضيا، ڀٽي کي پيرول تي بہ آزاد ڪيو ھو پر ھو جذباتي بيان ڏيندو رھيو.

4 ۽ 5 جولاءِ جي اڌ رات جو ڀٽي صاحب جي حڪومت ختم ٿي، تڏھن وزيراعظم ھائوس تي فوج جو قبضو ڪونہ ٿيو ھو. پنھنجي ملٽري سيڪريٽري جي معرفت ڀٽي صاحب، جنرل ضيا سان ڳالھايو تہ جنرل ضيا چيس ؛ سر مان مجبور آھيان. رڳو اھو ٻڌايو تہ توھان ڪراچي وڃڻ پسند ڪندؤ يا ڳوٺ نئون ديرو؟ ڀٽي صاحب ، نئون ديرو لفظ چئي فون بند ڪرڻ تي ھيو تہ جنرل ضيا چيس؛ ٺيڪ آ سر، صبح صادق جو اسپيشل جھاز توھان کي نئون ديرو ڪڻي ويندو. ڀٽو صاحب، صبح جو 9 بجي تائين چانھ ۽ سگار پيئندي منتظر رھيو . اتفاق سان ان رات ڀٽي صاحب جي سڄي فيملي، وزيراعظم ھائوس ۾ موجود ھئي . صبح جو 9 بجي اسپيشل جھاز رڳو وزيراعظم ڀٽي صاحب کي کڻي ڪوھ مري پھچايو ۽ نہ سھالا ريسٽ ھائوس . جيئن ضيا شاھ لکي ٿو . ثبوت لاءِ ڏسو 6 ۽ 7 جولاءِ 1977 جون اخبارون ۽ ان ھفتي جا رسالا . ڀٽو صاحب سھالا ريسٽ ھائوس ۾ نظربند ڪونہ ھو، البتہ ڀٽي صاحب جي وزارت جا اھم ماڻھو؛ جناب ممتاز علي ڀٽو ، عبدالحفيظ پيرزادو ۽ مولانا ڪوثر نيازي ۽ قومي اتحاد جا اڳواڻ سھالا ريسٽ ھائوس ۾ نظربند ڪيا ويا ھئا. جن لاءِ جنرل ضيا جي حڪومت ريڊيو ۽ ٽي وي تي اھو بيان نشر ڪندي رھي تہ؛ انھن اڳواڻن کي حفاظتي طور نظربند رکيو ويو آھي. ويجھي ماضيءَ جي تاريخ سان ايڏي ھٽ-چراند!! ھيءَ ڳالھ خود ڀٽي صاحب ڪيترا دفعا چئي ھئي تہ ؛ جنرل ضياءُ الحق مون سان ڪيل پوئين واعدي تان ڦري ويو ھو . جناب ممتاز علي ڀٽو، عبدالحفيظ پيرزادو ۽ پروفيسر غفور ان واقعي جا اکين ڏٺا شاھد نہ پر ان واقعي جا بذات خود ڪردار آھن . اھي بہ تصديق يا ترديد ڪري سگھن ٿا . باقي جيستائين آيت الله خميني ۽ ڀٽي صاحب جي ڳالھ آھي تہ ٻنھي کي مليل حالتن ۾ فرق ھو. ايراني قوم سا بہ اسلام جي ھڪ فرقي شيعہ سان سلھاڙيل . مون کي نئون ديري ۾ ، ڀٽي صاحب جي بنگلي ۾ ڀٽي صاحب جي ٻارھي تي آيل ، مشھور قانوندان ۽ ڀٽي صاحب جي وڪيل يحيٰ بختيار ٻڌايو تہ؛ ھڪ دفعي مون ڀٽي کي عرض ڪندي صلاح ڏني تہ ھو ملڪ کان ٻاھر ھليو وڃي . تنھن تي ڀٽو صاحب ڏمرجي پيو ۽ ڇڙٻيندي چيائين ؛ تون چا ٿو سمجھين تہ تاريخ مون کي ڀاڄوڪڙ قرار ڏئي. مان تہ ڀڄڻ جي بجاءِ تاريخ جي ھٿان مرڻ پسند ڪندم. پر ضيا شاھ لکي ٿو تہ ؛ ڀٽو صاحب تاريخ جي بجا ءِ، فوج جي ھٿان مرڻ پسند ڪيو . ضيا شاھ جيڪر تاريخ جي وصف ٻڌائي، ڪجھ وضاحت ڪري ھا تہ چڱو ھو.

ضيا شاھ چوي ٿو؛ جنرل ضيا، ڀٽي صاحب کي پيرول تي آزاد ڪيو ھو. سوال آھي تہ جنرل ضياءُ الحق ڪھڙي ڪورٽ جو جج ھو جو ڀٽي صاحب کي پيرول تي آزاد ڪيو ھئائين . پاڪستان جي ھر فرد کي اھا خبر آھي ۽ پاڪستان جي عدليہ جي تاريخ شاھد آھي تہ ڀٽو صاحب ڪڏھن بہ ڪنھن بہ صوبائي ۽ مرڪزي ڪورٽ طرفان پيرول تي آزاد ڪونہ ٿيو ھو. ڀٽو صاحب ضمانت تي آزاد ٿيو.

ضيا شاھ، شڪارپور ۽ ان جي پرپاسي جو ڪيترو اھم ماڻھو آھي جو ٻاھران ايندڙ ھڪ غير سويلين عملدار

پر ان جو نالو لکڻو ناهي ، بہ هڻ مار ڪري، شڪارپور شهر مان ڏس پنڌ پڇائيندو ضيا شاھ ڪي سلطان ڪوٽ جي مدل اسڪول ۾ ڳولي لهي ٿو . هڪ ڪم جي معاوضي طور ڪي س سينيئر ٽيڻ جي آڇ بہ ڪري ٿو ! ساروڻيون جي قسط نمبر:12 ۽ انگي نمبر: 198 ۾ پاڻ لکي ٿو:

”هڪ ڏهاڙي اسڪول ۾ هڪ غير سويلين هڪ رٽائرڊ عملدار (نالو ڇا هيس؟) اچي نڪتو. سندس عهدي جو نالو ٻڌي هوند چڱن ڀلن ڪي ڏڪڻي وٺي وڃي ها . (رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ بہ ايڏو عهدو جو چڱا ڀلا ڏڪي ٿا وڃن ) هو سڌو مون ڏانهن هليو آيو. مون سان ائين پئي ڳالهايائين ڄڻ اسان جي قلمي دوستي رهي هئي . (ماشاء الله) چي: شاھ صاحب ميں نے آپ کي تعريف سني هے. آپ ماشاءَ الله انڌيري مين چراغ کي طرح هين. پوءِ اصل مقصد ڏانهن آيو. ڪيس ڪا زمين انعام ۾ مليل هئي . ڪيس منهنجو سهڪار گهربل هو . مان اڇرج ۾ هوس ، منهنجي ڪابہ سماجي حيثيت نہ هئي ۽ نہ وري سردار سلطان احمد خان سان ڏيٺ و ائٺ هيم. اسان جي اسڪول ۾ سردار صاحب جا ٻارڙا ضرور پڙهندا هيا، جيڪي مون سان رلي ملي ويا هئا پر مان هڪ صوفي منش هيس. اسڪول کان واندو ٿيڻ، مون لاءِ قيد مان رهائي وانگر هو . سڌو گهر هليو ايندو هوس، ڪنهن سان بہ عليڪ سليڪ نہ رکي هيم . اوچتو وارد ٿيل همراھ پروسي سڻن پئي چيو تہ: سندس مسئلي جو حل منهنجي سهڪار سان سلهاڙيل آهي . مان نٿو چئي سگهان تہ ڪيس اهو ڏس ڪنهن ڏنو هو؟ هن مون کي انعام جي آفر بہ ڏني . چيئي: مان توهان کي ٽيڪنوڪريٽس جي ڪوٽا ۾ سينيئر مقرر ڪرائيندس. جنرل ضيا جي دور ۾ ماڻهو خريد ڪرڻ وارو سلسلو هليو پئي . تنهن ڪري اها آفر گهڻي عجيب بہ لڳي پر ڪيس نِپ جواب ڏئي ڇڏيم.

ضيا شاھ جي مٿين ڳالھ، ڪيتريقدر سچي يا من گهڙت آهي؟ هڪ غير سويلين عملدار ، معنیٰ فوجي عملدار، جنهن جي عهدي جو ٻڌي ، چڱا ڀلا بہ ڏڪي وڃن ٿا . اهڙي وڏي بااختيار عملدار جو ڪم آهي هن کي انعام ۾ مليل زمين تان هارين جو قبضو ڇڏرائڻ. اهڙي بااختيار غير سويلين عملدار نہ گورنر کي چيو، نہ ڪنهن ڪمشنر يا ڊپٽي ڪمشنر کي پر پنڌ ڪري ، وقت سيڙائي، مڊل اسڪول سلطان ڪوٽ ۾ پهچي وڃي ٿو . اهڙن بااختيار عملدارن جا ڪم تہ ٽيليفون تي اک -ڇنڀ ۾ ٿي ويندا آهن . پوءِ سوال آهي تہ اهڙي بااختيار عملدار ضيا شاھ کي ايلاز ڇو ڪيا . جڏهن تہ خود ضيا شاھ مڃي ٿو تہ سندس ڪابہ حيثيت ڪانہ هئي. پوءِ اهڙي عملدار هڪ ٽيچر کي سينيئر ٽيڻ جي آڇ ڪيئن ڪئي؟ ڪم ننڍو ۽ معاوضو ايڏو وڏو؟!! ضيا شاھ لکي ٿو تہ: اها پيشڪش ڪيس عجيب ڪونہ لڳي؟ لڳي تہ ائين ٿو تہ اهڙيون آڇون (سينيئر ٽيڻ جون ) ضيا شاھ کي روز روز ٿينديون هيون . ان ڪري سائين ضيا شاھ ان عملدار کي نِپ جواب ڏئي ڇڏيو!!

محترم ضيا شاھ لکي ٿو تہ : اسڪول کان واندو ٿيڻ مون لاءِ قيد مان رهائي وانگر هو . اسڪول (قيد) مان رهائي (موڪل) ملڻ تي ٻارڙن کي تہ خوشي ٿيندي آهي. ان لاءِ عام طرح ماڻهو ٻڪري ۽ ڪاسائي جو مثال ڏيندا آهن. هڪ ٽيچر ائين چوي تہ اسڪول مان واندو ٿيڻ هُن لاءِ قيد مان آزاد ٿيڻ برابر هوندو هو تہ اهڙو قيدي اسڪول ۾ ٻارڙن کي ڇا پاڙهيندو هوندو؟

ضيا شاھ جي آتم ڪهاڻي پڙهندي اها بہ ڄاڻ ملي تہ ضيا شاھ ٽيچر/سرڪاري ملازم هوندي بہ سياستدان آهي. پاڻ 91 نمبر ۾ لکي ٿو تہ : مون کي سياسي دنيا ۾ ٻيهر آڻڻ وارو ، اياز ابڙو هو. معنیٰ اياز ابڙي کان اڳ ۾ بہ ضيا شاھ سياسي دنيا جو ماڻهو هو . سياسي دنيا مان ضيا شاھ جي مراد الائي ڇا آهي؟ عملي سياست يا نظرياتي؟ سنڌ واسين تہ پاڪستان/ سنڌ جي سياسي دنيا ۾ ڪڏهن بہ ضيا شاھ جو نالو نہ ٻڌو هو. نڪي ڪنهن پارٽيءَ ۾ سندس نالو گونجيل هو؟ محترم ضيا شاھ مشهور ڪميونسٽ ليڪڪ نجم عباسي جي طرز تي لکي ٿو : بازار جي مهڙ وٽ بہ ماڻهو ڏاڍيان ڳالهائين پيا . هڪ ابوجهہ ڳوٺاڻو پيو لنگهي . ”چاچا ڇا حال آهي؟ بابا الله جي ٻاجھ آهي ، مڙوئي سک آهي. چاچا ڪوڙ پيو ڳالهائين ، ائين چو نٿو چوين تہ : ٻچڙا بکيا آهن . زال بيمار آهي ۽ نياڻي ءَ جي مٿي تي پوتي ڪانهي! اڙي اجا ڪونہ سڌرندؤ! اجا ڪيستائين پاڻ کي دوکو ڏيندو؟

ان ڳالھ جو ضيا شاھ جي زندگي (جيون ڪهاڻيءَ) سان ڪهڙو تعلق؟ هي آتم ڪٿا آهي يا رپورتاز؟ بازار جي

مهڙ وٽ جيڪو ابوجهه ڳوناٽو لنگهي ٿو ۽ حال احوال جي موٽ ۾ الله جو شڪر بجا آڻي ٿو ته ڪيس چوي ٿو (بقول ضيا شاهه): ڪوڙ ٿو ڳالهائين، تنهنجي گهر ۾ بک آهي . تنهنجي زال بيمار آهي . تنهنجي ڌيءَ جي مٿي تي پوتي ڪانهي. سوال آهي ته ضيا شاهه کي اها خبر ڪيئن پئي ته ان (ابوجهه جن لاءِ نبي ڪريم صه جن فرمايو آهي ته ڇا تون نٿو ڀڏين ته سادگي ايمان جي نشاني آهي!) ڳوناٽي جي گهر ۾ کائڻ لاءِ اٽو ڪونهي. هُن جي زال بيمار آهي ۽ هن جي نياڻيءَ جي مٿي تي پوتي ڪونهي . ضيا شاهه سوجهري ۾ منهنجي تنقيد جو جواب لکندي فرمايو هو ته ؛ هو موسىٰ روحاني ته ڪونهي. پوءِ واٿهڙو ابوجهه ڳوناٽي جي باري ۾ اها خبر ڪيس ڪيئن پئي يا سندس دوستن کي يا ڪن ٻين کي ته ہُن جي گهر ۾ ٻچا بکيا آهن . ہُن جي نياڻيءَ جو انگ اگهاڙو آهي ۽ ہُ ن جي زال بيمار آهي . ايترين تڪليفن هوندي به جيڪڏهن ابوجهه ڳوناٽو، الله جا شڪرانه ادا ڪري ٿو ته ان ۾ دوکي جي کهڙي ڳالهه آهي؟ ابوجهه ڳوناٽي کنهن سان دوکو ڪيو؟ ان ابوجهه ڳوناٽي جي ان ڳالهه سان ضيا شاهه جي آتم ڪٿا جو کهڙو تعلق ؟ يا کهڙو لڳ لاڳاپو؟ بقول ضيا شاهه ته؛ هو پنهنجو پاڻ سان دوکو ڪن ٿا . پوءِان ۾ ٻيءَي کنهن جو ڇا وڃي؟ هنن جي ، پنهنجو پاڻ سان ڪيل دوکي سان ، ٻين جو کهڙو نقصان ٿئي ٿو . الله پاڪ جو لفظ ٻڌي ، هي هترادو ترقي پسند چڙن چو ٿا؟ مظلوم ماڻهو ته ظلم جي انتها ٿيندي به چوندو آهي ؛ يلا الله ته آهي. هي جڙتو ترقي پسند، بي سهارا ماڻهن کان، الله جو سهارو ڪسي موٽ ۾ ڇا ٺڏين؟ لينن، ڪارل مارڪس ۽ ماۇزي تنگ جا قول. ماۇزي تنگ جي قبر به ڊاني وئي ان جا هڏا به ڪڍيا ويا. اقوال ماڻهن جو آسرو ٿي نه ٿا سگهن کنهن ڏاهي ۽ عالم جا لفظ آهن ته :

Faith is not mere feeling there is an element of cognition in it.

(ايمان رڳو احساس ناهي پر ان ۾ عقل جو عنصر به شامل آهي.)

هيءَ کهڙي ترقي پسند ي آهي. لاڙڪاڻي جي رام پنجواڻي لکيو آهي ؛ هُن هڪ دفعي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي کي به لاڙڪاڻي جي مسجد مان ٻاهر نڪرندي ڏٺو هو . هي سڀ ڇا آهي؟ خود ڪو ف ضيحت اورون ڪو نصيحت. اڄا ته ضيا شاهه پاڻ کي صوفي منش ڪري ڪوني ٿو. صوفي ٻين تي ٺوڪون ۽ ٺٺوليون، چٿر ۽ طنز نه ڪندا آهن؟ جيڪڏهن ابوجهن ، مسڪينن جو ايترو احساس اٿوَ ۽ نجات ڏيارڻ چاهيو نِ پيا ته پنهنجي وس آهر ان ابوجهه ڳوناٽي جي مالي مدد ڪيو ها. ڪيس ان بيمار زال لاءِ دوا ۽ نياڻيءَ کي پوتي پارايو ها. الله جا شڪرانا بجا آڻن هر کنهن جي ذاتي ۽ شخصي ڳالهه آهي. ڇا ذاتي ۽ شخصي ڳالهه ۾ مداخلت ڪرڻ واجب آهي؟

نمبر: 125 ۾ ضيا شاهه اسان جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي علم ۾ اضافو ۽ ڄاڻ وڌائيندي لکي ٿو ته ؛ جهلي ۽ ڪلواڙي ڳوٺن جا ٻار ماڻهپي ۽ مريادا ۾ اڳيرا آهن . تعليم جي لحاظ کان اهي ڳو ٺ حيدرآباد ضلعي جي پاٽ ڳوٺ سان ڪلهو ملائڻ لاءِ آتا آهن. پاٽ جو ڳوٺ ضلعي حيدرآباد ۾ آهي؟ يا ضلعي دادو ۾، پيارو ڳوٺ ريلوي اسٽيشن جي ڏکڻ ۾؟ هن ڳالهه جي تصديق يا ترديد ته ڦلجي ۽ پيارو ڳوٺ جا رهاڪو يا رکڻ جو رهواسي ۽ مشهور شاعر استاد بخاري اڪيڊمي جو سيڪريٽري، نواز رکٽائي يا پيارو ڳوٺ جو سائين عبدالرحمان شاهه ئي ڪري سگهي ٿو.

147 نمبر ۾ لکي ٿو : ادبيات ڪتاب گهر تي هڪ ڇوڪري ايندي هئي . هميشه تڪڙي اُبهري ايندي هئي ۽ اُبهري هلي ويندي هئي. مون آسماني اکيون اڳ نه ڏٺيون هيون. ڊگهي قد تي ڊگها وار واه جو نهندا هئس. اها منهنجي دل جا چارئي خانه والاري ويني . ڪيس ڏسڻ لاءِ فردوس سئنيما وٽ وڃي ويهندو هوس . ڇو ته هوءَ اڪثر اُتي ايندي هئي. يونيورسٽيءَ جي پوائنٽ بس ۾ سوار ٿي هلي ويندي هئي. بس ۾ سوار ٿيندي اک ٽيٽ سان ڏسندي هئي ته من اندر جا ساز ڇڙي پوندا هئا. هڪ منجهند ٽاڻي، آفيسر دوست وٽ ويم ته ڪيس پڻ اتي وينل ڏٺم . آڱريون زخمي ٿي پيون هيس. دروازو بند ڪندي طاقن جي پکوڙ ۾ هٿ اچي ويو هوس . مون واري دوست اڇاتري نظر سان ڏٺس پئي . بنهه سرد نگاهن سان . مون سندس آڱرين جي ڊريسنگ ڪئي ته اکين ۾ لڙڪ اچي ويس . سنگتيءَ کان ڪجهه پڇڻ مناسب نه ڄاتم (ڇا پڇڻ مناسب نه ڄاتئي؟) آسماني اکين واري ڇوڪري وري نه ڏٺم . سندس اکين جو رنگ آسمان جُهڻي ورتو هو.

بقول ضيا شاهه؛ هڪ ڇوڪري نيرين اکين واري هن جي پهچڻ کان اڳ ۾ هن جي دوست يا ٻنهي جي گڏيل

دوست وٽ منجهند ٽاڻي (جڏھن پکي پکڻ برھ سمھي پوندا آھن) جو وينل ھئي. جنھن جون آڱريون دروازو بند ڪندي طاقن جي وچ ۾ اچي زخمي ٿي پيون ھيون . ضيا شاھ تہ پوءِ پھتو . ان سھٽيءَ چوڪريءَ جون آڱريون تہ اڳ ۾ زخمي ٿي پيون ھيون. پوءِ ضيا شاھ جي ان دوست ، ايترو وقت ڇا پئي ڪيو؟ اھا سھٽي چوڪري رت وھائيندي رھي ۽ ضيا شاھ جي دوست ويني مزو پئي ڏٺو. سرد نگاھن سان (وڏو ڪو بي رحم انسان ھو ) ضيا شاھ پھچڻ سان ان چوڪري جي ملم پٽ ڪئي. فرسٽ ايڊ باڪس ڪٿان آيو؟ يا ضيا شاھ پاڻ سان ڪنيو ويو ھو، ڇاڪاڻ تہ ڪيس خبر ھئي تہ نيرين اکين واري چوڪري، زخمي ٿي فلاڻي دوست وٽ ويني آھي. جيڪڏھن فرسٽ ايڊ باڪس ضيا شاھ جي دوست وٽ آفيس ۾ موجود ھئي تہ پوءِ سندس دوست ملم پٽي پاڻ چونہ ڪئي؟ يا فرسٽ ايڊ باڪس چوڪري کي ئي ڏئي ڇڏي ھا تہ ھوءَ خود پاڻ ئي پنھنجي ملم پٽي ڪري ھا. آخر ضيا شاھ جو انتظار ڇو پئي ڪيو ويو؟

155 ۾ ضياء شاھ لکي ٿو ؛ آغا صدر الدين منھنجي ويجھي سنگتين مان ھو . ڪي.ڊي.اي جو ڊائريڪٽر فنانس ٿيو تہ منھنجو ياءُ عبدالغفار شاھ ملڻ ويس . آفيس ڇڏي نڪري آيو ۽ بوٽ بہ پائي نہ سگھيو ھو . مان بہ بنا اجازت سينٽر ڇڏي نڪتو ھوس. ھوش ۾ ڪونہ ھوس. شام واري ريل گاڏي تائين ترسڻ منھنجي وس ۾ نہ ھو. بس ويگن ۾ ئي روانو ٿي ويس. ڊرائيور سان ڄاڻ سڃاڻ ھيم. ڪيس ٻڌايم تہ ويگن معمول کان تيز ڪيائين.

مرحوم آغا ڪي.ڊي.اَي جو ڊائريڪٽر پنھنجي آفيس ۾ پيرين اگھاڙو وينو ھو ڇا ؟ جيئن ضيا شاھ جي ياءُ جي اچڻ جي خبر پيس تہ پيرين اگھاڙو نڪري آيو ؟ آغا وينو بہ جڻ پنھنجي اوطاق ۾ ھو . ڇا آغا عبدالغفار شاھ کي اندر آفيس ۾ نہ پئي گھرائي سگھيو؟ يا عبدالغفار شاھ جي آفيس ۾ داخلا بند ھئي؟ دوستن جي موت جو ٻڌي واقعي صدمو رسندو آھي ۽ ماڻھوءَ کان تڙ تڪڙ ۾ ڪجھ بہ نہ پڄندو آھي ۽ نہ ئي سجھندو آھي پر ڊرائيور جو واقف نڪر ي پوڻ ڪا فلمي ۽ ڊرامائي سين ٿي لڳي. جيئن عام فلمن ۾ ھيرو يا ولين جي لاءِ ڏيکاريو ويندو آھي تہ ھو تڪڙ ۾ ھوندو آھي ۽ تڪڙي سواريءَ کي سڏي ان ۾ ويھندو آھي تہ ڊرائيور ھن جو اڳ جو واقف نڪري پوندو آھي.

ساڳي قسط جي 157 ۾ لکي ٿو ...... (آغا) ڪيس ائين جلد موڪلائڻ جو پتو ھجي ھا تہ سڪندر ذوالقرنين جيان ڪفن منجھان ھٿ ٻاھر ڪڍڻ جي وصيت ڪري ھا. سوال آھي تہ ڪفن مان ٻاھر ھٿ ڪڍڻ واري وصيت ڪنھن ڪئي ھئي؟ سڪندر اعظم ڪئي ھئي تہ سندس مرڻ کانپوءِ ھن جا ھٿ ڪفن کان ٻاھر ڪڍيا وڃن تہ جيئن دنيا وارا ڏسن ۽ عبرت حاصل ڪن تہ سڄي دنيا تي بادشاھي/ حڪمرانيءَ جا خواب ڏسندڙ ۽ حڪومت ڪندڙ جڏھن ھن دنيا مان ھميشہ لاءِ موڪلايو تہ ھٿين سکڻو ھليو ويو . (ڏسو مھراڻ جو مقالا نمبر ) سڪندراعظم جي حوالي سان ھيءَ ڳالھ سنڌ ۾ ايتري مشھور آھي جو سنڌ ۾ھن ڳالھ پھاڪي / ورجيس/ چوڻي/ ضرب المثل جي صورت ورتي آھي. حيرت جھڙي ۽ اچرج ۾ وجھندڙ ڳالھ ھيءَ آھي تہ پي سي ۾ رھڻ جون دعوائون ڪندڙ، ايم اي فرسٽ ڊگريون رکندڙ ضيا شاھ کي اھا خبر ڪانھي تہ سڪندر اعظم ۽ سڪندر ذوالقرنين ۾ ڪھڙو فرق آھي؟

ضا شاھ 79 ۾ لکي ٿو تہ ؛ مون گوبند پنجابيءَ کي پئي ساريو . ھو تہ سال 1989 ۾ آيو ھيو . ڪيس پبلڪ لائبريري ۾ آجياڻو ڏنو ھيوسين . رھاڻ وغيره روايتي ھئي . ڇيائين تہ مان پنھنجي شھر واسين جي رڳو شاعري ٻڌندس. اُتي مون غزل پيش ڪيو ھو. غزل پڙھندي مون کي ھوءَ ياد آئي. گوبند پنجابي کي نہ ٻڌايو ھيم. ٻڌايانس ھا تہ ھوند الھاس نگر جي گھٽي گھٽي جھاڳي ھا. غزل پڙھڻ وقت ضياءَ شاھ کي ھُو ءَ (ھندو چوڪري) ياد اچي ٿي ۽ لکي ٿو تہ گوبند پنجابي ءَ کي نہ ٻڌايو ھيم. ٻڌايانس ھا تہ ھوند/ الھاس نگر جي گھٽي گھٽي جھاڳي ھا. گوبند پنجابي تي ڪھڙي اچي پئي ھئي جو ضياءَ شاھ جي محبوبہ جي تلاش ۾ ھو الھاس نگر (ھ ينئر يا 1989ع ۾ شڪارپور کان بہ وڏو شھر) جي گھٽي گھٽي جھاڳي ھا! گوبند پنجابي جھڙي عمر رسيده شريف ماڻھو ، اديب ۽ شاعر کي ٻيو ڪم نہ ھيو ڇا؟ ڪنھن ٻئي ملڪ جي ماڻھوءَ جي محبوبہ ڪير ڳوليندا آھن؟ گوبند پنجابي تي ايڏو وڏو الزام !!

ساروٽي نمبر:244 ۾ ضيا شاھ علم جا واھڙ وھائيندي لکي ٿو: ...... مان بنو ھاشم قبيلي جي باني ھاشم بابت پڻ سوچيندو ھوس. پوءِ تصور ۾ قداور ۽ جاننو شخص اچي ويندو ھو جيڪو زائرين جي اُڃ اُجھائڻ لاءِ زم زم جي پاڻيءَ ۾ ڪشمش وجھي ڇڏيندو ھو ۽ پاڻي مِنو ٿي ويندو ھو . ھاشم زائرين کي ماني ، ڳين جي صورت ۾ پيش

ڪندو هو. ماني ڪي ڳپين ۾ ورهائڻ سبب مٿس نالو هاشم پئجي ويو.

ضيا شاھ جي لکڻيءَ موجب؛ هاشم زم زم جي پاڻيءَ ۾ ڪشمش وجهندو هو ته جيئڻ پاڻي مٺو ٿئي. ڇا هاشم جي وقت ۾ زم زم جو پاڻي ڪارو، تلخ ۽ ڪسارو هيو جو هاشم کي ان ۾ ڪشمش وجهڻ جي ضرورت پيش آئي؟ حقيقت اها آهي ته حضرت اسماعيل جي پيرن جي پيداوار ۽ بي بي هاجران جي چيل لفظن زم زم (بيهه بيهه) جي چشمي ۽ هاڻي کوهه جو پاڻي ته شروع کان وني مفرح ۽ هاضمي دار رهيو آهي . زم زم جو پاڻي ڪڏهن ڪ ڪڙو ڪسارو ۽ کارو هيو جو ان ۾ هاشم سڳوري کي ڪشمش وجهڻ جي ضرورت پيش آئي؟ پاڻيءَ ۾ ڪشمش به وجهبي آهي ڇا؟ نڪو ماني جي ڳپين ڪرڻ / ورهائڻ کي عربيءَ ۾ هاشم چئبو آهي، جيئن ضياءَ شاھ لکي ٿو . هاشم عربي جو لفظ آهي جيڪو جيڪو هشم مان ورتل آهي. يعني مانيءَ کي ڀوڙ جي رس ۾ ڪُٽي ڪرڻ وارو. نڪو زائرين کي هاشم مانيءَ جا ڳپيا ڪري کارائيندو هو . اصلي ڳالهه ته ضيا شاھ گول ڪري ويو آهي . عمر بن عبدالمناف تي هاشم نالو ڪيئن پيو . هڪ دفعي مڪي ۾ اهڙو ڏڪار پيو جو مڪي جا رهواسي اناج جي داڻي لاءِ سڪن پيا . پنهنجي ڳوناڻين جي اهڙي حالت ڏسي، هاشم شام ويو ۽ اُتان سوين مڻ ان ڪٽائي مڪي پهتو . جن اُنن تي ان ڪٽائي آيو هو انهن اُنن کي ذبح ڪري، انهن جون قيمو ڪرايائين ۽ جيئن ته مڪي جا ماڻهو گهڻي تعداد ۾ بکايل هيا، ان ڪري قيمي ۾ گهڻي رس ڪرائي ان ۾ ماني پورا پورا ڪري ان جي ڪٽي نهرائي، ماڻهن کي کارائيندو رهيو، جتان ان جو نالو هاشم پيو يعني پورا پورا ڪُٽي ناهيندڙ . (ڏسو ڪتاب انسان العيون جلد1-ص-5) هاشم جي قبر، شام ۾ اڄ به موجود آهي.

ضيا شاھ لکي ٿو ته؛ هر جمعي تي لطيف شاھ جو ميلو لڳندو هيو. اُتي نرتڪين جو ناچ ٿيندو هو. هڪ ڏينهن ناچ ڏسڻ جي ارادي سان ميلي ۾ ويم . هڪ نوجوان ناري، ڍولڪ جي تال تي نچندي نچندي مون وٽ آئي . مون وٽ کيس ڏيڻ لاءِ آڌيلي (اڌ روپيو) کان سواءِ ڪجهه به نه هو. مون کيسي ۾ هٿ وجهي آڌيلو ڪڍي سندس ترڻيءَ تي رکي مٺ بند ڪئيمانس ته هُن به تيستائين مُٺ نه کولي جيستائين آڌيلو صندوق ۾ نه ويو ....... انهيءَ نرتڪي مون کي فيملي لائين جيڪب آباد ۾ موجود پنهنجي گهر جو سرنامو ڏئي چيو ته ؛ جڏهن به جيڪب آباد اچو ته مون وٽ ضرور اچجو (ساروڻي 246).

ضياءَ شاھ جي مٿين هتراڏو ڳالهه پڙهي مون کي طلعت ۽ شمشاد بيگم جو ڳايل ڊوئٽ ؛ ملتي هي آنکين دل هوا ديوانه ڪسي ڪا، ٿو ياد اچي. هڪ نرتڪي جنهن جو ذريعه معاش، جسماني شاعري/ناچ ڪري پئسه ڏوڪڙ ڪمائڻ هجي، سا آڌيلي تي ايڏو موهجي پئي جو نه رڳو آڌيلو صندوق ۾ سوغات سمجهي سانديائين پر موٽ ۾ گهر اچڻ جي دعوت به ڏئي ٿي!! نرتڪيون ائين آڌيلن تي مرن ته پوءِ عاشقن کي ڇا کپي؟ آڌيون آڌيون ميڙينديون رهن ته پوءِ ميلن ۾ سڄي سڄي رات، چيريون وڄائڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ جو نچندي سندن جسم به شل ٿي پوندا آهن؟ مون کي اردوءَ جو پهاڪو ياد اچي ٿو ؛ گهوڙا گر گهاس سي دوستي ڪري تو ڦر کائي گا ڪيا؟ اها نوجوان نرتڪي، جيڪا ليڪڪ ضيا شاھ جي خوابن جو سينگار آهي ۽ ليکڪ ايترو پُراميد آهي ته هو ءَ گهر جي چائنٽ تي بيهي سندس انتظار به ڪندي هوندي. عاشق ڪيڏي نه خيالي دنيا ۾ رهي اجايا پهه ٿا پچائين ؟ شڪارپور کان جيڪب آباد وڃڻ لاءِ ڪنهن پاسپورٽ ۽ ويزا جي ضرورت هئي ڇا؟ جو ايڏي مهربان نرتڪيءَ جا ديدار، درشن ۽ ڪچهريءَ لاءِ، ڪهڙا سبب هئا جو ضيا شاھ نه وڃي سگهيو؟ جڏهن ته اها مائي / نرتڪي ايڏي مهربان به هئي !! اهڙي ايڊريس ته سنڌ جي هڪ ڄاتل سڃاتل ڪردار محترم ڄام ساقيءَ کي به ڪنهن ميلي ۾ ڪنهن مهربان مائي /نرتڪيءَ ڏني هئي. هي اسان جا اديب ۽ شاعر يا مشهور ماڻهو پا ڻ کي لکڻوءَ جي شاعرن ۽ اديبن سان ڇو ٿا ڀيٽين؟ لکنوي شاعر به هر هر اها ڳالهه لکندا ۽ چوندا هئا ته مٿن طوائفون ۽ نرتڪيون مرنديون هيون.

ضيا شاھ پنهنجي جيون ڪهاڻيءَ ۾ ، پنهنجي تعريف ڪرڻ ۾ به وسان ڪونه گهٽايو آهي . لکي ٿو ته؛ لطيف آباد نمبر:9 ۾ هڪ پناھ گير طبيب وٽ ويهي ٿو رهان . هُو يوناني حڪمت ۾ ماهر هيو ۽ غزل گوئي سندس مشغلو هيو. هُو (حڪيم) لکنوي ٻوليءَ ۾ ڪيڪر ڪندوهو . ڪيس سنڌين لاءِ غلط فهميون هيون . سنڌين کي هو جنسي طور

پٽڪيل پاڻيندو هو . مون سان ڪچهريون ٿيس  تہ پشيمان ٿيو. چيائين؛ شاهہ صاحب مين خود پٽڪ گيا تا ! آپ راهہ راست پر لائي هين. ٻولي بہ دهليءِ، لکنوي ۽ بهاري ٿيندي آهي جا؟ دهلي، ڪانپور، سلطان پور، لکنؤ، حيدرآباد دکن ۽ صوبہ بهار جا سيئي ماڻهو (اڪثريت)، هندو مسلمان، اردو ڳالهائيندا آهن. سندن ٻولي اردو آهي. البتہ انهن جو لهجو الڳ الڳ  ٿئي ٿو. ضيا شاهہ تہ ماشاء الله سندس چوڻ موجب؛ اردوءَ ۾ شاعري بہ ڪندو هو. ان ڪي اها خبر ڪانهي تہ لکنوي ٻولي نہ ٿيندي آهي. اهو لکنوي حڪيم سنڌيءَ ڪي جنسي طور پٽڪيل پائيندو هو . ضيا شاهہ ڪيس اهڙي پٽي پڙهائي جو اهو لکنوي حڪيم ضيا شاهہ جي گفتگو، دانائي   ڏاهپ، فصاحت ۽ بلاغت جو ايترو قائل ٿي ويو جو بي اختيار چئي ڏنائين؛ شاهہ صاحب مين خود پٽڪ گيا تا ! آپ راهہ راست پر لائي هين . ائين تہ ڪوڙ مهاجر سنڌين جي خلاف زهر رکن ٿا. ضيا شاهہ ڪي اهڙو گر هر هنڌ استعمال ڪرڻ کپي جو مهاجر مجبور ٿي چون  ؛ اسان ئي پٽڪيل هئاسون.

شاهہ صاحب اهو تنهن جو قرب آهي جو اسان ڪي سنئين ۽ سڌي راهہ تي وٺي آئين.

سارتر کان پڇيو ويو ؛ توهان پنهنجي آتم ڪٿا جو نالو   الفاظ چو رکيو آهي؟ جواب ۾ چيائين  ؛ لفظ ڳالهائيندا آهن. لفظ لکبا آهن. لفظ بار ڪندا آهن. لفظ ذهني  باليدگي آڻيندا آهن. لفظ ذهني تشدد ڪندا آهن. لفظن (ڳالهائڻ) جي ڪري انسان اشرف المخلوقات آهي. سارتر جا اجا بہ ڪوڙ ٻيا الفاظ آهن. اهي وري ڪنهن ٻي ساعت!!

يار زنده صحبت باقي.